الطاف حسين جوکيو

# ادغام/ سَنڌي/ Assimilation ۾ آوازن جي ضم ٿيڻ/ مٽجڻ جو اڀياس

***Abstract***

**A Study of Idgaam/ Sandhi/ Assimilation**

*Idgaam, sandhi and assimilation have usually been considered as synonymous terms, where as, in accordance with Arabic grammar and by some of scholar's proposed definitions and directions the term Idgaam is characterized as a different term than Sandhi or Assimilation. comparatively, In this short study, these three terms will be analyzed individually in order to achieve the clarification of each term as keeping different defining areas by using assigned dos and don'ts of scholors.*

*Idgaam refers only to the absorption of two homophones or nearly articulated sounds, whether it is internal Idgaam in one word or external Idgaam on the junction of two words. One ought to remember that by the junction of two same sounds, there the use of geminating gets need to be placed or its sound gets as duration as of two sounds or letters.*

*The absorption and alteration of two or more sounds have been noticed often in Assimilation or sandhi, so these terms got broader dimensions in terms of meaning.*

*Our new scholars have not meticulously worked on these terms and failed to characterize them particularly and have just kept on revising the so called traditional and prevalent references and definitions which leads to the inappropriate and study-lacking research.*

*Finally, a common issue has been re accounted to gain little importance in order to find the position of orthographic 'M vowel-less' and 'nasalized N'(actually both having same sound) which come before the bilabial sounds. Where as in Arabic, sindhi or urdu and English or Hindi orthography, same sound is written in different ways.*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## ادغام/ سَنڌي بابت عالمن جا دائرا

هن اصطلاح بابت پروفيسر علي نواز جتوئي مرحوم ڄاڻائي ٿو ته: ”گفتگو يا ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ آوازي وڏا ايڪا ڪم اچن ٿا، جن کي ’جملا‘ چيو وڃي ٿو. انهن جملن ۾ڪڏهن ڪڏهن هڪ لفظ جو پويون آواز ٻئي لفظ جي پهرئين آواز ۾ سمائجي ويندو آهي يا هڪ ئي لفظ جي اندر هڪ آواز ٻئي پر واري آواز جي اثر سببان ادغام يا سَنڌي سڏبو آهي. ان جا ٻه نمونا ٿيندا آهن: هڪ داخلي (Internal) ۽ ٻيو خارجي (External).

پهريون) داخلي ادغام(سَنڌي)، لفظ جي اندر واقع ٿيندو آهي: مثلاً عربيءَ ۾ ’اَل + الاه‘ ميلاپ ڪائي ’اللّٰه‘ (الاهہ) ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح سان سنسڪرت جو لفظ ’سمڌي‘ ڦري ’سَنڌي‘ ٿيو آهي، ڇو ته [ڌ] جو مخرج مٿين ڏندن جو اندريون پاسو آهي، جنهن جي اثر سببان [م]، جنهن جو مخرج ٻه چپ آهن، ڦري [ن] ٿيو آهي، جنهن جو مخرج وري مهارن يا مٿين ڏندن جو اندريون پاسو آهي. انگريزي زبان ۾ /Impossible/اصل ۾ /In + possible/ آهي، جنهن مان [p] جي اثر سببان [n] بدلجي [m] ٿي وئي آهي. سنڌي زبان ۾ /انب/ جو اچار [امب] آهي، جنهن ۾ [ب] جي اثر سببان [ن] ڦري [م] ٿي پوي ٿو. /گنگا / جو اچار [گڱگا] آهي، جنهن ۾ [گ] جي اثر سببان [ن] ڦري [ڱ] ٿي پوي ٿو. /سپاٽي/ لفظ ٻه اصل ۾ /صبح + آٽي/ آهي، جنهن ۾ [ب + ح] ملي، [پ] ٿي پئي آهي، جنهن سان وري [آ] ملي [پا] ٿيو آهي. اهي مثال داخلي ادغام جا آهن. خارجي ادغام جملي اندر ٻن لفظن جي وچ ۾ واقع ٿيندو آهي، جنهن لاءِ عربن ادغامن جا ٽي قسم ڄاڻايا آهن:

1. مِثلَين. 2. مُتَجانسَين 3. مُتَقاربَين.“ (جتوئي، 1996: 82)

عربي ٻوليءَ ۾ ادغام بابت امير الدين صاحب ٻه اهي ئي ٽي قسم ڄاڻايا آهن: ”ادغام جا ٽي قسم آهن، 1. مثلين 2. متجانسين 3. متقاربين.

مثلين: ٻن حرفن جو هڪ جهڙو هجڻ، جيئن: ’واؤ‘ ۽ ’واؤ‘، اَوَّزَنُوهُمَ.

متجانسين: ٻن حرفن جو ساڳئي مخرج وٺان هجڻ، جيئن: ’تا‘ ۽ ’طا‘، وَقالَتّ طَّائِفَةٌ.

متقاربين: ٻن حرفن جو مخرجن ۾ يا صفتن ۾ ويجهو هجڻ، جيئن: ’لام‘ ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

’را‘، ’نون‘ ۽ ’ميم‘ _ قُلْ رَّبِّ _ مِنْ مَّلَكٍ“ (امير، ؟ : 50)

سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي ادغام جي ٽنهي قسمن جي اطلاق بابت پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب ڄاڻائي ٿو ته:

”1. جڏهن جملي ۾ هڪ لفظ جو آخرين آواز اهڙو هجي جهڙو پويان ايندڙ لفظ جو پهريون آواز، تڏهن اهو پوئين ۾ مُدغم ٿي ويندو يعني سمائجي ويندو، اهڙي ادغام کي ’مِثلَين‘ سڏبو آهي؛ مثلاً:

الف) پت تي چڙهه.

ب) چيڪ ڪٽي آهي.

ج) شيخ خوشيءَ مان ايندو.

مٿيان جملا عام گفتگو ۾ هيٺين ريت چئبا آهن:

الف) ’پتي‘ چڙهه.

ب) ’چيڪتي‘ آهي.

ج) ’شيخوشيءَ‘ مان ايندو.

2. جڏهن جملي ۾ هڪ آواز جو آخرين آواز ۽ ان جي پويان ايندڙ لفظ جو پهريون آواز، ساڳئي جنس يا قسم جا هوندا آهن تڏهن پهريون آواز ٻئي ۾ جذب ٿي گم ٿي ويندو. اهڙي ادغام کي متجانسَين سڏبو آهي؛ مثلاً:

الف) ديڳ گهلي وٺ.

ب) لٺ ٽڪر ٽي پيئي.

ج) انب پلي کاءُ.

عام ڳالهائڻ موجب پهرين جملي مان /ڳ/ ، ٻئي مان /ٺ/ ۽ ٽئين مان /ب/ گم ٿي ويندي آهي.

3. جڏهن جملي ۾ هڪ لفظ جو آخرين آواز ۽ ان جي پويان ايندڙ لفظ جو پهريون آواز قريبي مخرج جا هوندا آهن، تڏهن پهريون آواز ٻئي ۾ سمائجي گم ٿي ويندو آهي. اهڙي ادغام کي مُتقاربين سڏبو آهي؛ مثلاً:

الف) رئيس شمس الدين خان آيو آهي.

ب) هن دف ڦاڙي وڌو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مٿئين جملن مان [س]، [ش] ۾ ۽ [ف]، [ق] ۾ سمائجي وڃي ٿي. ادغام جڏهن ٻوليءَ جي تاريخ ۾ واقع ٿيندو آهي تڏهن ان کي تاريخي ادغام سڏبو آهي؛ مثلاً، سامي صاحب جي سلوڪن ۾ هڪ سٽ آهي تہ:

منيائون محبوب جي سامي سپ رجا.

اهو 'منيائون' هن وقت مڃيائون آهي ۽ [ي] جي اثر سبب [ن] ڦري [ڃ] ٿي پيو آهي. /ڄاتي/ لفظ، اصل ۾ /ڏياتي/ هو ۽ [ي] جي اثر سبب [د] ڦري [ڄ] ٿي پئي، پوءِ /ي/ گم ٿي وئي، اهي مثال تاريخي ادغام جا آهن." (جتوئي، 1996: 84)

ڀيرومل آڏواڻي صاحب ادغام لاءِ انگريزي لفظ Epenthesis ڪم آڻيندي لکي ٿو تہ: "ڪسرت آهي قرب ۾، ادغام ۾ اعراب. شاه. ادغام اهو آهي، جنهن ۾ ڪنهن ساڳئي لفظ جون ٻہ اعرابون پاڻ ۾ ملي، هڪ يڪو علحدو اچار پيدا ڪن." (ڀيرومل، 1956: 342)

پروفيسر ڀيرومل صاحب Assimilation کي 'گڏيل حرف صحيح جو پچڻ' ڪوٺي ٿو، ان اصطلاح ۾ لکي ٿو تہ: "پاليءَ واري زماني ۾ گڏيل حرف صحيح پاڻ ۾ پچي ويا، جهڙوڪ: جنم- جم (ڄم). هي حرف صحيح جو ادغام آهي." (ڀيرومل، 1956: 348)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب، سنڌي ٻوليءَ ۾، بنيادي طور 'صورتخطيءَ' جي ڪم ڪان سجاڳ ويندو آهي، ان لحاظ کان سندس خيال بہ ان دائري ۾ ئي جاچي سگهجن ٿا، ادغام بابت 'جامع سنڌي لغات' ۾ ڄاڻائي ٿو تہ: "ادغام = عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي تہ ڪنهن لفظ ۾ هڪ حرف کي ٻئي ساڳئي مخرج حرف سان گڏي پڙهڻ، جنهن کي سنسڪرت ۾ سَنڌي سڏجي ٿو. (بلوچ، 1960: 125)

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ادغام بابت لکيو آهي تہ: "ع (صرفي اصطلاح) ٻن اعرابن يا حرفن جو ملي هڪ آواز ٿيڻ. سنسڪرت وياڪرڻ ۾ ادغام کي 'سَنڌي' چوندا آهن؛ مثلاً: عربي لفظ 'جلاد' اصل ۾ 'جَل' + 'لاد' آهي، پوءِ ٻئي 'ل' گڏجي هڪ آواز ڪن ٿا، يا جيئن: سنسڪرت ۾ 'سَچدانند' = سَت + چِت + آنند." (گربخشاڻي، 1996: 267)

واحد بخش شيخ، ادغام بابت لکي ٿو تہ: "ٻن هم جنس يا هم مخرج حرفن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪي ملائي پڙهڻ يا انهن مان هڪ کي حذف ڪرڻ کي ادغام چئبو آهي. ادغام جي معنيٰ آهي تہ پٺو ڪرڻ يا هڪ ڪرڻ، يعني هڪ حرف کي ٻئي حرف ۾ شامل ڪرڻ." (واحد، 1986: 26)

سيد نجف علي ڪمتر نقوي صاحب، پنهنجي لغت 'ٻاروچي ٻوليءَ' ۾ لفظ ادغام بابت هيٺين ريت ڄاڻايو آهي: "ادغام- 'ڪسرت آهي قرب ۾، ادغام ۾ اعراب (سُر سهڻي)- (عربي اِدغامٌ = مدغم ٿيڻ) ڪنهن لفظ ۾ هڪ حرف کي ٻئي متجانس يا هم مخرج حرف سان گڏي شدّ ڏئي پڙهڻ: ٻن حرفن جو (اعرابن جي ڪري) پاڻ ۾ ملي هڪ آواز ٿي وڃڻ. مثلاً: 'مل لت' مان 'ملّت' يا 'ال رحيم' مان 'الرّحيم.' " (ڪمتر، 1984: 211)

عبدالهادي سرهئو صاحب ادغام بابت ويچار ونديندي لکي ٿو تہ: "ادغام ڇُپائڻ کي چئبو آهي. ٻہ اکر همجنس يا قريب المخرج هڪ هنڌ گڏ ٿيندا آهن، تہ هڪ کي ساڪن ڪري، ان کي ٻئي اکر ۾ ڇُپائبو آهي ۽ ٻئي اکر کي شدّ ڏبي. مثلاً: مَدٌّ = ڇڪڻ، اهو اصل 'مَدَدُن' هو. پهرئين اکر يعني دال کي ساڪن ڪري، ٻئي دال کي شدّ ڏنائون تہ 'مَدٌّ' ٿي پيو." (سرهيو، 1976: 30)

سرهئي صاحب ادغام جي حوالي سان هڪ نوٽ بہ لڳايو آهي تہ: "نوٽ ڪندا- جيڪڏهن پويون اکر ساڪن هوندو، تہ پوءِ ان صورت ۾ ادغام ٿي نہ سگهندو." (سرهيو، 1976: 31)

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، 'سَنڌي' اصطلاح تي ماهرانہ ۽ تحقيقي انداز سان بحث ڪندي ڄاڻائي ٿو تہ: "سَنڌي، سنسڪرت جي وياڪرڻ جو لفظ آهي، لغوي معنيٰ آهي 'جوڙ' ۽ 'ڳنڍ'. جڏهن بہ ڪنهن جملي يا مرڪب لفظ (compound) ۾، هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پَر- وس صرفيہ هڪٻئي جي پويان (مرتب لفظ جي اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي ميلاپ واري طريقي ۾) اهڙي نموني ۾ گڏيا آهن، جو پهرئين لفظ يا صرفيہ جو پويون صوتيو، ۽ پوئين لفظ يا صرفيہ جو پهريون صوتيو، هڪٻئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز (صوتيہ) ۾ تبديل ٿيندا آهن، تڏهن اهڙيءَ ٿيل تبديليءَ کي ماهرن 'سَنڌي' سڏيو آهي. هن وصف مان چار نتيجا ٽا نڪرن:

الف) لفظن يا فقرن ۾، صرفين جي ميل وارا مرڪب آواز، پاڻ ۾ سمائجي يا هڪٻئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز ۾ تبديل ٿيندا آهن؛

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ب) آوازن جي جوڙ يا ميلاپ ۾، پوئين آواز جي اثر ڪان، پـهريون آواز وچان ئي هڪ نئين، ٽئين آواز جي روپ ۾ ظاهر ٿيندو آهي؛

ج) تاريخي ارتقا دوران، هڪ آواز بدلجي ٻيو آواز ٿيندو آهي؛

د) تاريخي ارتقا دوران، ڪنهن لفظ ۾ هڪ آواز بلڪل گم ٿي ويندو آهي.

ڊاڪٽر الانا صاحب وڌيڪ ڄاڻائي ٿو ته: سَنڌي (assimilation) کي ٻن مکيه ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، اهي ٻه مکيه آهن:

هڪ) تاريخي سَنڌي (historical assimilation)

ٻي) نسبتي سَنڌي (contextual assimilation)

پـهرين) تاريخي سَنڌي (historical assimilation)

(1) سَنڌيءَ جو هي قسم، ٻوليءَ جي ارتقا سان واسطو ٿو رکي، يعني ٻوليءَ جي ارتقا دوران جيئن جيئن ٻوليءَ ۾ ٻيون تبديليون رونما ٿين ٿيون، تيئن تيئن هن قسم واري 'سَنڌي' به پنهنجا اثر ظاهر ڪندي آهي. هن قسم واري سَنڌيءَ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته ٻوليءَ جو ڪوبه آواز، ڪنهن زماني ۾ هڪ خاص نموني سان اچاربو هو، پر جيئن جيئن ٻوليءَ ۾ ترقي ٿيندي وئي، تيئن تيئن اهڙن آوازن جي اچارڻ ۾ به فرق ايندو ويو. هن قسم واريءَ سَنڌيءَ جا، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي مثال ملن ٿا؛ مثلاً:

الف) [ک]، [گھ] ۽ [ٿ] جو [ھ] ۾ بدلجڻ:

1. مُکُ > مهُ > مُنهن.

2. ميگهُ > ميھ > مِينهن.

3. گاٿا > گاها > ڳاها > ڳاھ

ب) هيٺين لفظن ۾ [د] ۽ [چ] آواز بدلجي [ر] ٿيا آهن، ۽ [ش] آواز پـهرين بدلجي [س] ٿيو ۽ پوءِ [س] بدلجي [ھ] ٿيو آهي:

1. ايڪادش > ايڪارَھ > اي آرھ > يارهن.

2. دوادش > بارس > بارھ > ٻارھ > ٻارهن.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ج) [ي] > [ج]

1. يوون > جوين

2. يَوَ > جَوَ

د) [م] > [اوُن]

1. گرامَ > گام > گائون

2. اَهم > اَهون > آئون (آءُ)

(2) تاريخي سَنڌيءَ جو ٻيو قسم اهو آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جي ارتقا دوران ڪي آواز گم يا حذف ٿي ويا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي لفظ ملن ٿا، جن مان ڪي آواز آهستي آهستي گم ٿي ويا آهن؛ مثلاً:

الف) [ر] آواز جو گم ٿيڻ:

1. گرام > گام

2. ارڌ > اڌ

3. اَرگھ > اگھُ

ب) [م] آواز جو گم ٿيڻ:

1. رسمي > رسي.

ج) [س] آواز جو گم ٿيڻ:

1. سَنيھ > نيھَ > نيھُ > نينھن.

د) [ش] آواز جو گم ٿيڻ:

1. نشٽر > نِٽر

(3) تاريخي سَنڌيءَ جو ٽيون قسم آهي 'تاريخي سنجوڳيءَ واري سَنڌي' (Historical coalescent assimilation) هن سَنڌيءَ جا سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي مثال ملن ٿا. هن قسم ۾ ڪي ٻه ٻه آواز پاڻ ۾ سمائجي هڪ نئين آواز ۾ بدلبا آهن. نئون بدليل آواز انهن ميل وارن آوازن کان بلڪل نرالو ۽ نئين گروهه مان هوندو آهي:

الف) [گ] ۽ [ر] پاڻ ۾ سمائجي، هڪ بلڪل نئين گروهه وارو آواز [ڳ] ٺاهين ٿا.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مثال طور: آگر > اڳُ

ب) [گ] ۽ [ي] پاڻ ۾ سمائجي، [ڳ] آواز ۾ بدلجن ٿا.

مثال طور: 1. ياگيہ > ياڳ

2. يوگيہ > جوڳ

ج) [ت] ۽ [ي] آواز پاڻ ۾ سمائجي، [چ] آواز ۾ بدلجن ٿا.

مثال طور: 1. ستيہ > سچ

2. هتيہ > هچا.

د) [د] ۽ [ي] آواز پاڻ ۾ ملي، [ج] ۾ مٽجن ٿا.

مثال طور: 1. ويديہ > ويڄ

2. اديہ > اڄ.

ھ) [ڌ] ۽ [ي] پاڻ ۾ سمائجي [جھ] آواز ۾ مٽجن ٿا.

مثال طور: سنڌيا > سنجھا

و) [س] ۽ [ت] پاڻ ۾ سمائجي [ٿ] آواز ٿاهين ٿا.

مثال طور: 1. هستَ > هٿُ

2. ڪستوري > ڪٿوري (ڪس > ڪ)

3. ستون > ٿوڻ > ٿوڻي (ست > ٿ)

ز) [ڪ] ۽ [ش] پاڻ ۾ سمائجي [ک] ۽ [ڇ] ۾ بدلبا آهن.

مثال طور: 1. ڪشير > کيرُ

2. اڪشر > اکرُ

3. لڪشمي > ليڇمي يا لکمي

ح) آواز [ش] ۽ [چ] پاڻ ۾ ملي [ڇ] آواز ۾ بدلجن ٿا.

مثال طور: پشچم > پڇم

ط) آواز [ن] ۽ [ي] پاڻ ۾ سمائجي [ڃ] آواز ۾ مٽجن ٿا.

مثال طور: 1. جنيہ > ڄڃ

2. شونيہ > سڃ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ي) آواز [ٽ] ۽ [ي] پاڻ ۾ گڏجي [ڄ] آواز ۾ مٽجن ٿا.

مثال طور: پٽيه > پيڄَ

ڪ) آوازن جي ميل [درَ] ۾ [د] ۽ [ر] پاڻ ۾ گڏجي [ڊ] ۽ [ڏ] آواز ٺاهين ٿا:

مثال طور: 1. نندر > نند‌ڊ

2. دروهه > ڏوهه

3. دهه + بَل > در + بل > درٻل > ڏٻل > ڏٻر > ڏٻرو

## ٻي) نسبتي سَنڌي (Contextual Assimilation):

هن سَنڌيءَ مان مراد آهي، جملن يا مرڪب لفظن ۾، ٻن لفظن ۽ مرتب لفظن ۾ ڪم ايندڙ صورتن ۽ صرفين وغيره جي ميل واري هنڌ وٽ، پــهرئين لفظ يا صرفيه جو پويون آواز، پوئين لفظ يا صرفيه جي پــهرئين آواز کان متاثر ٿيندو آهي، ۽ اهو هڪ نئين آواز ۾ مٽبو آهي. هن قسم واري سَنڌِي ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي: هڪ) سُرُ سَنڌِي ۽ ٻي) وينجن سَنڌِي.

### (پــهرين) سُرُ سَنڌي:

الف) [--اَ + اَ--] بدلجي [آ] سر ٿيندو آهي؛

مثلاً: پَرَ + اَرٿنا > پَرارٿنا

ب) [--اَ + آ--] = [آ] يعني [اَ] گم ٿي وئي.

مثلاً: پَرَمَ + آنند > پرمانند

ج) [--آ + آ--] = [آ] يعني [آ] گم ٿي وئي.

مثلاً: مها + آتما > مهاتما

د) [--اِ + اِ--] = اِي

مثلاً: هٿِ + اِڪو > هٿيڪو.

هه) [--اِ + آ--] = يا

مثلاً: اَپِ + آس > اَپياس.

و) [--اِي + آ--] = يا



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مثلاً: شيدي + آٽي > شِيدياٽي.

ز) [--اِي + آ--] = يَ

مثلاً: ڪاني + آر > ڪانيَر.

ح) [--او + آ--] = وا

مثلاً: پائو + آ > پاوا.

ط) [--اوُ + آ--] = وا

مثلاً: هندو + آٽي > هِندواٽي.

ي) [--اُ + اَ--] = وَ

مثلاً: ٿانءُ + اَ > ٿانوَ.

## پين) وينجن سَنڌي:

آوازن جي ميل يا جوڙ جي حالت ۾، ڪن صورتن ۾، پويون جز، پهرئين جز تي اثر ڪندو آهي؛ انهيءَ اثر جي ڪري پهريون جز، ڪنهن ٻئين آواز ۾ بدلجي ويندو آهي. هن قسم وارين تبديلين جا هيٺيان مثال سنڌي ٻوليءَ ۾ عام جام ملن ٿا:

الف) [س] وينجن [م] جي اثر ڪان [ر] ۾ بدلبو آهي: س > ر

مثال: نس + مل > نرمل.

ب) [س] وينجن [ل] جي اثر ڪان [ر] ۾ بدلجي ويندو آهي: س > ر

مثال: نس + لج > نرلج > نرلڄ.

ج) [ت] وينجن [چ] جي اثر ڪان [چ] ٿيندو آهي: ت > چ

مثال: ات + چارڻ > اچچارڻ > اچارڻ.

[ت] وينجن [ج] سببان [ج] ٿيندو آهي: ت > ج

مثال: ست + جن > سججن > سڄّن > سڄڻ.

ه) [ه] وينجن [ج] سببان [ر] ٿيندو آهي: ه > ر

مثال: 1. نه + بل > نربل > نرٻل > نٻل.

2. ده + بل > دربل > درٻل > ڏٻل.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

و) [ھ] وينجن [چ] جي اثر سببان [ش] ٿيندو آهي: ھ > ش

مثال: نھ + چل > نشچل.

ز) [ھ] وينجن [ق] سببان [ش] ٿيندو آهي: ھ > ش

مثال: نھ + قل > نشقل > نسقل.“

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب آخر ۾ محققانہ راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ: ”سَنڌيءَ جي مطالعي مان ئي خبر پوي ٿي، تہ ٻوليءَ جي آوازن، صوتين ۽ لفظن ۾ ٻوليءَ جي ارتقا سان گڏ ڪهڙي تبديلي ٿي آهي. ان لاءِ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي تاريخي مطالعي لاءِ ’سَنڌيءَ‘ جو مطالعو نهايت ئي ضروري آهي.“ (الانا، 2005: 122- 136)

وڪيپيڊيا نيٽ تي Assimilation جي وضاحت هيٺين ريت ڏسيل آهي:

Assimilation is a common phonological process by which the sound of the ending of one word blends into the sound of the beginning of the following word. This occurs when the parts of the mouth and vocal cords start to form the beginning sounds of the next word before the last sound has been completed. An example of this would be 'hot potato'. The (t) in 'hot' is dropped as the lips prepare for the (p) sound for 'potato' (Bloomer et, 2005).

The word assimilation it self it’s said to be assimilated; it is derived from the latin prefix ad- meaning to and simil- meaning like but, instead of being adsimilated, it has the easier pronunciation of assimilated.

A common example of assimilation is “don’t be silly” where the /n/ and /t/ are assimilated to /m/ by the following /b/, in many accents the natural sound is “dombe silly”.

Assimilation can be synchronic being an active process in a language at a given point in time or diachronic being a historical sound change.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## ادغام/ سَنڌي جي اپياس جو نچوڙ

اپياس مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ مختلف ماهرن ادغام جو جيڪو دائرو ڏنو آهي، تنهن ۾ اختلاف سامهون اچي ٿو، ان خيال کان سندن رايا نچوڙ جي صورت ۾ هيٺ رکجن ٿا:

پروفيسر جتوئي صاحب موجب: ادغام (سَنڌي) جا ٻہ نمونا آهن: هڪ، داخلي ۽ ٻيو خارجي. داخلي ادغام موجب لفظ جي اندر مٿا سٽا ٿئي ٿي، جنهن کي تاريخي ادغام چئجي ٿو ۽ خارجي ٻن لفظن وچ ۾ ساڳين يا قريب مخرج آوازن جي ميلاپ سان واقع ٿئي ٿو، جنهن لاءِ عربن ادغامن جا ٽي قسم ڄاڻايا آهن: 1. مثلين، 2. متجانسين ۽ 3. متقاربين.

امير الدين صاحب موجب: عربي ادغام جا ٽي قسم آهن، 1. مثلين، 2. متجانسين ۽ 3. متقاربين.

پروفيسر پيرومل موجب: ادغام (Epenthesis) اهو آهي، جنهن ۾ ڪنهن ساڳئي لفظ جون ٻہ اعرابون پاڻ ۾ ملي، هڪ يڪو علحدو اچار پيدا ڪن.

پيرومل صاحب Assimilation کي 'گڏيل حرف صحيح جو پچڻ' ڪوٺي ٿو، ان اصطلاح ۾ لکي ٿو تہ: پاليءَ واري زماني ۾ گڏيل حرف صحيح پاڻ ۾ پچي ويا، جهڙوڪ: جنم- جم (ڄم). هي حرف صحيح جو ادغام آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب موجب: ڪنهن لفظ ۾ هڪ حرف کي ٻئي ساڳئي مخرج حرف سان گڏي پڙهڻ، جنهن کي سنسڪرت ۾ 'سَنڌي' سڏجي ٿو.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ موجب: ٻن اعرابن يا حرفن جو ملي هڪ آواز ٿيڻ آهي.

واحد بخش شيخ موجب: ٻن هم جنس يا هم مخرج حرفن کي ملائي پڙهڻ يا انهن مان هڪ کي حذف ڪرڻ کي ادغام چئبو آهي. ادغام جي معنيٰ آهي ٻٽو ڪرڻ يا هڪ ڪرڻ، يعني هڪ حرف کي ٻئي حرف ۾ شامل ڪرڻ.

سيد نجف علي ڪمتر نقوي موجب: ڪنهن لفظ ۾ هڪ حرف کي ٻئي متجانس يا هم مخرج حرف سان گڏي شدّ ڏئي پڙهڻ.

عبدالهادي سرهئي موجب: ٻہ اکر همجنس يا قريب المخرج هڪ هنڌ گڏ ٿيندا تہ هڪ کي ساڪن ڪري، ان کي ٻئي اکر ۾ ڇپائبو ۽ ٻئي اکر کي شدّ ڏبي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا موجب: سَنڌي، سنسڪرت جي وياڪرڻ جو لفظ آهي، لغوي معنيٰ آهي 'جوڙ' ۽ 'ڳنڍ'. جڏهن بہ ڪنهن جملي يا مرڪب لفظ (compound) ۾، هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پَر- وس صرفيہ هڪٻئي جي پويان (مرتب لفظ جي اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي ميلاپ واري طريقي ۾) اهڙي نموني ۾ گڏبيون آهن،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جو پـهرئين لفظ يا صرفيہ جو پويون صوتيو، ۽ پوئين لفظ يا صرفيہ جو پـهريون صوتيو، هڪٻئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز (صوتيہ) ۾ تبديل ٿيندا آهن، تڏهن اهڙي ٿيل تبديليءَ کي ماهرن 'سَنڌي' سڏيو آهي.

وڪيپيڊيا تي Assimilation جي وضاحت سَنڌي سان پيش ٿي سگهجي ٿي، جاڪاڻ تہ سَنڌي ۽ Assimilation ۾ لفظن جي اندر آواز جي ضم ٿيڻ ۽ آوازن جي تبديل ٿيڻ جو انداز نوٽ ڪيو ويو آهي.

## ادغام/ سَنڌي جي اڀياس بعد جڙندڙ راءِ

پروفيسر جتوئيءَ جي ڄاڻائڻ موجب ادغام جا ٻہ نمونا آهن: هڪ، داخلي ۽ ٻيو خارجي. داخلي ادغام کي تاريخي ادغام جو نالو ڏنو ويو آهي، جڏهن تہ خارجي، عام طور ادغام جي دائري ۾ ڄاتو ويندو آهي. پروفيسر جتوئي صاحب مٿي جيڪي عربي ادغام جا نمونا ڏسيا آهن، تن جي سنڌي ٻوليءَ سان تقابل پڻ ڪيو آهي. ادغام جي اڀياس مان هيٺيان نڪتا اخذ ٿين ٿا:

ادغام جي حوالي سان امير الدين صاحب، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر گربخشاڻي، واحد بخش شيخ، سيد نجف علي ڪمتر جون وصفون يڪسان دائرو رکن ٿيون ۽ پروفيسر جتوئي صاحب جي ڄاڻايل خارجي ادغام سان جوڙ ڳنڍين ٿيون.

جڏهن تہ پروفيسر جتوئي صاحب جي ڄاڻايل داخلي ادغام سان الانا صاحب جي ڄاڻايل سَنڌي جوڙ ڳنڍي ٿي.

عربي جي استادن يا خود پروفيسر جتوئي صاحب 'داخلي ادغام' کي عربي ادغام ۾ شامل ڪونہ ڪيو آهي.

پروفيسر پيرومل صاحب ادغام لاءِ انگريزي لفظ Epenthesis ڪم آندو آهي، جڏهن تہ Assimilation کي 'گڏيل حرف صحيح جو پڇڙ' ڪوٺي ٿو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب 'ادغام' لفظ حوالي ۾ ڪم ڪونہ آندو آهي، بلڪ 'سَنڌي' لفظ استعمال ڪيو اٿس. البتہ ڪتاب جي عنوان ۾ اهو لفظ ڪم آندو اٿس.

ڄاڻايل نڪتن مان اهو ئي خيال ملي ٿو تہ عربي عالمن 'تاريخي ادغام' کي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ادغام جي دائري ۾ شامل ڪونہ ڪيو آهي: جنهن مان اهو خيال جڙي ٿو تہ عربي اصطلاح 'اِدغام' ۽ هندي- سنسڪرت اصطلاح 'سَنڌي' جي دائرن ۾ ٿورو فرق آهي.

انگريزي اصطلاح Assimilation جي گهٽي ويجهڙائپ، سَنڌي اصطلاح سان آهي.

## ادغام ۽ سَنڌي ۾ اصولي فرق

عالمن پاران ڏسيل وصفن ۽ ان جي مثالن مان اهو اندازو ٿئي ٿو تہ ٻنهي اصطلاحن جي دائرن ۾ ٿورو فرق آهي، جنهن جي اکيڙ هيٺ پيش ڪجي ٿي:

## ادغام جو دائرو

ادغام عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو 'اِفعال' جي وزن تي مصدر آهي. ان لفظ جو هيٺين ريت اشتقاق ڪجي ٿو:

اِدغام: [ اِدغام- اِفعال- مصدر (دَغَمَ = هو گڏجي ويو) ] ملي وڃڻ- هڪ ٿيڻ- علم لسان موجب آوازي ساڳيائپ يا ويجهڙائپ رکندڙ آوازن جو هڪٻئي ۾ ضم ٿيڻ، جيئن: 'وحد' جو 'افتعال' وزن تي مصدر ٿيندو: اِوۡتِحاد > اِتِّحاد > اتّحاد، هن ۾ 'و'، 'ت' جي اثر ڪري 'ت' جي صورت وٺي، 'ت' ۾ شامل ٿي ويو، يعني 'ت' مشدد ٿي ويندو.

## ادغام ۾ گڏيل آواز/ اکر جي نوعيت:

ادغام ۾ 'گڏيل آواز' ۽ 'گڏيل اکر' ٻہ الڳ اسم آهن: ادغام موجب لفظ 'بتَّر' کي هيٺينءَ ريت اکيڙي سگهجي ٿو:

**گڏيل آواز:** بَتّر- 'تّ' = بَدۡ > بَتۡ + تَر (گڏيل آواز ۾ پهريون ساڪن، ٻيو متحرڪ: يعني 'ت' مشدد ۾ پهرين 'ت' اڳئين اکر 'ب' سان ساڪن صورت ۾ ملندي، ۽ ٻي 'ت' متحرڪ صورت ۾ اڪيلي اچاري ويندي يا 'ر' سان ملندي)

**گڏيل اکر:** بتّر- 'تۡ' + تِ = تِّ (هن صورت ۾ 'د' جو اکر پنهنجي صورت

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

’ت‘ ۾ مٽائي، ’ت‘ سان ملي هڪ ٿي ويندو. ان هڪ ٿيڻ جي
صورت ۾ ’ت‘ مشدد ٿيندو.)

گڏيل آواز يا گڏيل اکر جي وضاحت مان مراد اها آهي ته عام طور جڏهن هڪ آواز ٻئي آواز ۾ ضم ٿي ويندو آهي ته آواز جي حالت ٻتي رهي ٿي؛ ليڪن جڏهن صورت ۾ هڪ اکر ٿو بيهي ته عام طور اهوئي واضح ڪيو ويندو آهي ته ’هم آوازن يا هم جنس ٿيندڙ اکرن مان هڪ اکر حذف ٿي ويو.‘ اهڙي تڪڙ منهنجي فاضل دوست، مجاهد حسين سولنگيءَ ڪان به ٿي وئي آهي:

”نتيجا: سنڌي ٻوليءَ ۾ ادغام ٻن نمونن سان استعمال ۾ اچي ٿو:

هم آوازن يا هم جنس ٿيندڙ اکرن کي حذف ڪرڻ سان.

ڪنهن لفظ ۾ موجود ڀرئين ۽ پوئين آواز جي اثر سان هڪ ٽئين آواز جي پيدا ٿيڻ سان.“ (سليم، جون- 2010: 152)

* عربي ٻوليءَ جا چند لفظ پيش ڪجن ٿا، جيڪي داخلي آواز ۽ اکر جي نسبت تبديل ٿين ٿا:

| مستعمَل لفظ | وزن موجب اصل لفظ | ضمّ ٿيڻ | حالت |
|---|---|---|---|
| اِتّحاد | اِوتِحاد | ’و‘ _ ’ت‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿي ويو | ادغام |
| اِتّفاق | اِوتِفاق | ’و‘ _ ’ت‘ ۾ ضم مشدد ٿي ويو | ادغام |
| اِطّلاع | اِطّتِلاع | ’ت‘ > ’ط‘ ۽ ’ط‘ - ’ط‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿي ويو. | ادغام |
| حقّ | حقق | ’ق‘ _ ’ق‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿي ويو. | ادغام |
| شڪّ | شڪڪ | ’ڪ‘ _ ’ڪ‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿي ويو. | ادغام |
| حدّ | حدد | ’د‘ _ ’د‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿي ويو | ادغام |
| اِصطِلاح | اِصتِلاح | ’ت‘ > ’ط‘ ۾ تبديل ٿي وئي. | تبدّل |
| اِضطِراب | اِضتِراب | ’ت‘ > ’ط‘ ۾ تبديل ٿي وئي. | تبدّل |
| اِجازَت | اِجواز > اِجازة | حرف علت تبديل ٿيا. | تبدّل |

* عربي ٻوليءَ جا چند لفظ پيش ڪجن ٿا، جيڪي خارجي آواز ۽ اکر جي نسبت تبديل ٿين ٿا:

| لفظ | آواز | ضم ٿيڻ واري حالت | حالت |
|---|---|---|---|
| مَنۡ يَّقُولُ | مَيَّقُولُ | ’ن‘، ’ي‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿيو. | ادغام |
| بَرۡقٌ يَّجۡعَلُونَ | بَرۡقُيَّجۡعَلُونَ | ’ن‘ جو آواز ’ي‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿيو | ادغام |
| مِنۡ وَّالٍ | مِوَّالٍ | ’ن‘ جو آواز ’و‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿيو | ادغام |
| بُرُوجًا وَّ جَعَلَ | بُرُوجَوَّ جَعَلَ | ’ن‘ جو آواز ’و‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿيو | ادغام |
| مِنۡ نُّطۡفَةٍ | مِنُّطۡفَةٍ | ’ن‘، ’ن‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿيو | ادغام |
| يَوۡمَئِذٍ نَّاعِمَةٌ | يَوۡمَئِذِنَّاعِمَةٌ | ’ن‘ جو آواز ’ن‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿيو | ادغام |
| مِنۡ مَّلَكٍ | مِمَّلَكٍ | ’ن‘ جو آواز ’م‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿيو | ادغام |
| بَشَرٌ مِّثۡلُنَا | بَشَرُمِّثۡلُنَا | ’ن‘ جو آواز ’م‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿيو | ادغام |
| مِنۡ لَّدُنَّا | مِلَّدُنَّا | ’ن‘، ’ل‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿيو | ادغام |
| مِنۡ رَّبِّ | مِرَّبِّ | ’ن‘، ’ر‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿيو | ادغام |
| هُدًى لِّلۡمُتَّقِينَ | هُدَلِّلۡمُتَّقِينَ | ’ن‘ جو آواز ’ل‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿيو | ادغام |
| غَفُورٌ رَّحِيمٌ | غَفُورُرَّحِيمٌ | ’ن‘ جو آواز ’ر‘ ۾ ضم ٿي مشدد ٿيو | ادغام |

اها ڳالهه به نوٽ ڪرڻ جي آهي ته اکري صورت ڪٿي گهٽجي ٿي ۽ ڪٿي بلڪل ساڳي ٿي رهي، ليڪن آواز حذف نه ٿو ٿئي بلڪ ٻئي اکر ۾ شامل ٿي مشدد ٿي وڃي ٿو. ادغام جي اهڙي اپياس بعد سولنگي صاحب جا نتيجا رد ٿي وڃن ٿا.

ڪمتر نقوي صاحب، پنهنجي لغت ۾ ادغام جي وضاحت صاف، سولي ۽ تز ڏني آهي. صاحب موصوف جو گهٽو زور شدّ تي آهي؛ عبدالهادي سرهنگي صاحب جي وضاحت ڪمتر صاحب کان به وڌيڪ وزنائتي ۽ تز آهي. پروفيسر جتوئي صاحب يا امير الدين صاحب عربيءَ جي نسبت جيڪي خارجي ادغام جا نمونا يا مثال ڏنا آهن، تن جو به گهڻي قدر زور شدّ تي آهي ۽ شدّ مان ئي خبر ٿي پوي ته ان ۾ ڪو ٻيو آواز ضم ٿيو آهي؛ جنهن کي عام رواج موجب ’ادغام‘ ڪوٺيو وڃي ٿو.

ڪمتر نقوي صاحب جي ڄاڻايل مثال موجب: ’ال‘ هڪ الڳ حيثيت رکندڙ صرفيو آهي ۽ ’رحيم‘ الڳ هڪ لفظ آهي؛ ٻنهي جي ميلاپ سان ’الرحيم‘ ٿيو، ليڪن پڙهڻ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

يا اچارڻ ۾ 'ارّحيم' ٿيندو. ادغام جي حوالي سان، سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته 'ال + رحيم' ۾ 'لام' ڪهڙي طرف ويو؟ ان جو جواب لفظ 'ارّحيم' مان ئي ملي ٿو ته 'لام جو آواز/ اکر 'ر' ۾ ضم ٿي 'ر- مشدد' ٿي ويو. عربي صورتخطيءَ ۾ شمسي اکرن جي نسبت اهو عام آهي، يعني جيڪڏهن 'ال' صرفئي جو 'لام' اچارڻو ناهي ته ان ڪان پوءِ ايندڙ شمسي اکر، 'ل' سبban مشدد ٿي ويندو. پوري عربي صورتخطيءَ ۾ اهو عام آهي ته جيڪڏهن ڪو آواز/ اکر گم ٿي وڃي ٿو ته پوءِ ان بعد ايندڙ آواز يا اکر مشدد ٿي ويندو، ٻي صورت ۾ تبدّل جي ليکي ۾ شمار ڪيو ويندو.

ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي وضاحت موجب ادغام ۾ حرفن جي گڏجڻ/ ضم ٿيڻ جو خيال ملي ٿو. واحد بخش شيخ صاحب به اهڙي وضاحت ڏني آهي، ليڪن ان ۾ حذف ڪرڻ جي به ڳالهه ڪئي اٿس: ممڪن آهي ته سندس خيال هجي ته ضم ٿيڻ جي صورت ۾ هڪ اکر ڪيرايو ويندو آهي. بهرحال، اها ڳالهه ته طئي آهي ته لفظ/ اصطلاح: 'حذف' جو تعلق اکر سان نه بلڪ 'آواز' سان هوندو آهي، ان صورت ۾ آواز حذف نه ٿيندو باقي اکر تخفيف ٿيندو.

اصل ۾ 'حذف' اصطلاح جو واسطو آواز سان آهي، انگريزيءَ ۾ ان لاءِ Elion لفظ ڪم ايندو آهي: جنهن جو پڻ هڪ دائرو آهي، ان سبب حذف ۽ Elion کي هڪٻئي جو نعم البدل چئي سگهجي ٿو، پر تز معنيٰ يا مراد ۾ ڪم آڻي نه ٿو سگهجي. البت اهو ته طئي آهي ته حذف ۽ Elion جو واسطو 'آواز' سان آهي، اکر يا حرف سان نه آهي!

واحد بخش شيخ صاحب ان جڳهه تي 'تخفيف' لفظ ڪم آڻي ها ته بهتر. اها ڳالهه واضح هجڻ گهرجي ته 'ادغام' ۾ 'حذف' جو تصور ناهي. بلڪ ٻه آواز ملي هڪ ٿي وڃن ٿا، جنهن صورت ۾ شد جو استعمال ڪيو ويندو آهي. جڏهن ته اکري صورت جي تخفيف ٿئي ٿي: مثلاً: بدتر > بتّر. هن صورت ۾ اکر جي تخفيف ٿي لفظ مخفف جي صورت وٺي ٿو، ليڪن آواز حذف نه ٿو ٿئي بلڪ 'د'، 'ت' ۾ ضم ٿي 'ت' مشدد ٿي وڃي ٿي.

عربي صورتخطيءَ موجب، هڪ آواز جو ٻئي آواز ۾ تبديل ٿيڻ کي ادغام ۾ شامل نه ڪيو ويندو آهي: جيئن: لفظ 'ازدواج'، 'افتعال' جي وزن تي اصل ۾ 'ازتواج' آهي، ليڪن عربي ٻوليءَ جي مزاج مطابق 'ت' > 'د' ۾ تبديل ٿئي ٿي. ان اهڙي تبدّل واري انداز کي پروفيسر جتوئي صاحب داخلي ادغام جو نالو ڏنو آهي، ليڪن عربيءَ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾ اهڙو ڪو تصور ڪونہ ٿو ملي.

ادغام جي اهڙي دائري جي حق ۾ امير الدين صاحب، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر گربخشاڻي، واحد بخش شيخ ۽ سيد نجف علي ڪمتر جون وصفون سامهون اچن ٿيون.

ادغام جي اِيپاس بعد اها ٿي راءِ جڙي ٿي تہ 'ادغام' جي اصطلاح لاءِ ٻنهي عالمن (پروفيسر جتوئي ۽ الانا صاحب) جو ڪم الڳ نوعيت جو آهي، پروفيسر جتوئي صاحب ادغام جي دائري کي وسعت ڏئي ادغام ۽ سَنڌي کي گڏي، واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جڏهن تہ الانا صاحب ان جي تاريخي سفر تي ڪم ڪيو آهي ۽ هن صاحب ان کي سَنڌي جو نالو ڏنو آهي.

اصل ۾ ادغام مان مراد هڪ آواز جو ٻئي آواز سان گڏجڻ آهي، پوءِ ان کي لکت ۾ آڻڻ لاءِ شدّ جو استعمال ڪجي يا نہ. ليڪن ادغام جي صورت ۾ گڏيل آواز رهي ٿو. پروفيسر جتوئي صاحب ڪنهن آواز جي بدلجڻ کي بہ ادغام ۾ شامل ڪيو آهي. منهنجي ناقص اِيپاس موجب ادغام هڪ 'گڏيل آواز' (پهريون ساڪن، ٻيو متحرڪ) جو نمونو آهي. عربيءَ ۾ جتي ادغام ٿئي ٿو اتي 'شدّ' جو استعمال عام آهي، جنهن مان اهو ٿي اخذ ٿئي ٿو تہ ادغام مان مراد ٻن آوازن جو گڏجڻ آهي.

عربي اصطلاح ادغام بابت تجويد جو استاد امير الدين صاحب ڄاڻائي ٿو تہ:
"ادغام معنيٰ داخل ڪرڻ، يعني حرف ساڪن کي متحرڪ ۾ داخل ڪري اهڙي طرح ادا ڪرڻ، جو دير ٻن حرفن جيتري ٿئي ۽ ٻڌڻ ۾ هڪ حرف اچي. ادغام جا ڇهہ حرف آهن، جن جو مجموعو 'يرملون' آهي. ادغام جا بہ قسم آهن: 1. ادغام ناقص مَع الغنہ 2. ادغام تام بِلا غنہ.

'ادغام ناقص مع الغنہ' ان کي چئبو آهي جو نون ساڪن ۽ نون تنوين کان پوءِ 'يومن' جي چئن حرفن مان ڪوبہ حرف اچي تہ نون ساڪن ۽ نون تنوين کي ان ۾ داخل ڪري شد ڏيئي غني سان پڙهجي؛ جيئن: مَنۡ يَّقُولُ/ بَرۡقٌ يَّجۡعَلُونَ، مِنۡ وَّالٍ/ بُرُوجًا وَّ جَعَلَ، مِنۡ مَّلَكٍ/ بَشَرٌ مِّثۡلُنا، مِنۡ نُّطۡفَةٍ/ يَوۡمَئِذٍ نَّاعِمَةٌ.

'ادغام تام بلا غنہ' ان کي چئبو آهي جو نون ساڪن ۽ نون تنوين کان پوءِ 'لام' ۽ 'را' مان ڪوبہ حرف اچي تہ نون ساڪن ۽ نون تنوين کي ان ۾ داخل ڪري شد

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏيئي بغير غني جي پڙهجي؛ جيئن: مِنۡ لَّدُنَّا، مِنۡ رَّبِّ، هُدً لِّلۡمُتَّقِينَ، غَفُورٌ رَّحِيمٌ." (امير، ؟: 44- 48)

عربي ادغام ۾ ٻنهي قسمن کي ملائي 'يرملون' جي پٽيءَ طور ڄاتو ويندو آهي، جڏهن ته عربي صرف موجب لفظن جي مٿائڻ کي 'اقلاب' چيو ويندو آهي، جنهن کي پروفيسر جتوئي صاحب 'داخلي ادغام' جو نالو ڏنو آهي ۽ الانا صاحب سَنڌي ڪوٺيو آهي.

اهڙي اپياس بعد اهم ڳالهه اها سامهون اچي ٿي ته عربي اِدغام جو تعلق داخلي سان نه، پر خارجي سان آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هي اصطلاح عربيءَ کان آيو آهي، ان لاءِ ان جي دائري ۾ ڪا ڦيرقار نه ٿي ڪري سگهجي.

## سَنڌيءَ (Assimilation) جو دائرو

عالمن جي ڪيل وضاحتن، Assimilation ۽ 'سَنڌيءَ' جي نوعيت مان خيال ٿئي ٿو ته ٻنهي لفظن ۾ هڪجهڙائي آهي. اصطلاح 'سَنڌي' ڪافي وسعت رکي ٿو، يعني 'آوازن جو هڪٻئي ۾ ضمّ ٿيڻ' ۽ 'هڪ آواز جو ٻئي آواز سان متجڻ' هن اصطلاح ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. پروفيسر جتوئي صاحب آوازن جي اهڙي 'اِقلاب' کي 'داخلي ادغام' ۽ ڊاڪٽر الانا صاحب اصطلاح 'ادغام' کان پاسو ڪندي 'سَنڌي' ڪم آندو آهي، جيڪو ڪنهن حد تي مناسب آهي.

عربي اصطلاحن موجب آوازن جي تبدّل جا ٻه ڍنگ سامهون اچن ٿا، هڪ: 'تَقلِيب' (Metathesis) ۽ ٻيو 'اقلاب' جنهن کي Assimilation ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. 'اقلاب' بابت امير الدين صاحب ڄاڻائي ٿو ته: "اقلاب معنيٰ مٽائڻ، يعني غني جي رعايت رکي بغير شد جي هڪ حرف کي ٻئي حرف سان مٽائڻ. اقلاب جو هڪ حرف 'با' آهي. اقلاب ان کي چئبو آهي جو نون ساڪن ۽ نون تنوين کان پوءِ حرف 'با' اچي ته نون ساڪن ۽ نون تنوين کي ميم سان مٽائي غنو ڪري پڙهجي؛ جيئن:

مِنۡ بَعۡدِ، اَلِيمٌ بِما. (امير، ؟: 44- 48)

عبدالهادي سرهئي صاحب ان معاملي کي 'اخفاء' ڪوٺيندي، ان جي قاعدي بابت ڄاڻائي ٿو ته: "ميم ساڪن، نون ساڪن ۽ تنوين کان پوءِ جيڪڏهن 'ب' ايندي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تہ اتي نون کي ميم سان مَتائي غنو ۽ اخفاء ڪري پڙهبو، جيئن: ’ب‘ تي شدّ نہ اچي؛ مثلاً: مِنۢ بَعۡدِ، اَلِيمٌۢ بِما، تَرميهمۡ بحجارة، صمٌۢ بُڪمٌ. (سرهيو، 1976: 31)

هونئن تہ ’اِقلاب‘، ’اخفاء‘ يا Assimilation تي نئين سِري سان ڪم ڪرڻ جي گهرج آهي، ليڪن هت صرف طوالت کان بچڻ لاءِ اِقلاب/ سَنڌي/ Assimilation جي صرف هڪ آواز/ اکر تي ٻيهر نظر رکڻ جي گهرج پيش اچي ٿي، ڇاڪاڻ تہ ان ’مسئلي جي نوعيت‘ تي درست رخ کان ڪم تي ڪونہ سگهيو آهي.

پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب هن حوالي سان لکي ٿو تہ: ”سنسڪرت جو لفظ ’سمڌي‘ مان ’سَنڌي‘ ٿيو آهي، ڇو تہ [ڌ] جو مخرج مٿين ڏندن جو اندريون پاسو آهي، جنهن جي اثر سببان [م]، جنهن جو مخرج ٻہ چپ آهن، مان [ن] ٿيو آهي، جنهن جو مخرج وري مهارن يا مٿين ڏندن جو اندريون پاسو آهي. انگريزي زبان ۾ /Impossible/ اصل ۾ /In + possible/ آهي، جنهن مان [p] جي اثر سببان [n] بدلجي [m] ٿي وئي آهي. سنڌي زبان ۾ /انب/ جو اچار [امب] آهي، جنهن ۾ [ب] جي اثر سببان [ن] مان [م] ٿي پوي ٿو.“ (جتوئي، 1996: 82)

تازو مجاهد حسين سولنگي صاحب ’ادغام‘ ۽ ’سَنڌي‘ جو گلقند ٺاهي لکي ٿو تہ: ”هاڻي اسين سنڌي ٻوليءَ جي لکڻ جو نمونو ٻہ انگريزي ٻوليءَ جي Assimilation جي قاعدي وانگر لکون يا نہ، يعني مثال ’انب‘ کي ’امب‘. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ڀيري ڊاڪٽر ڀڳهئي صاحب سان روبرو ڪچهريءَ جو موقعو ٿيو هو، سائينءَ ٻڌايو تہ انگريزي ٻوليءَ جا اهڙا لفظ جيڪي ادغام ڪري اچار مطابق اچڪلهہ لکيا ٿا وڃن، تن جي صورت هاڻي تبديل ڪري بظاهر اهو مسئلو حل ڪيو ويو آهي ... مطلب تہ هر ٻوليءَ لاءِ ڪي نہ ڪي مسئلا ضرور آهن. باقي سنڌي ٻوليءَ ۾ ادغام جي استعمال جي باري ۾ ڊاڪٽر ٻڌايو تہ اهڙا لفظ جن جو اچار ’ب‘، ’ٻ‘ ۽ ’پ‘ کان پهريان ’نون‘ اچي ٿو، ’ميم‘ سان ٿيندو ۽ اهڙا سيئي لفظ لکبا ’نون‘ سان.“ (سليم ميمڻ، جون 2010: 150)

سولنگي صاحب اڳتي لکي ٿو تہ: ”معلوم ٿئي ٿو تہ ادغام ٻن نمونن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ڪري ٿو. (1) ساڳين آوازن يا هم مخرج اکرن کي حذف ڪري ٿو، مثال: ’يادداشت‘. هن لفظ جي پهرئين پد ’ياد‘ جي پوئين آواز ’د‘ ۽ پوئين پد ’داشت‘ جي پهرئين آواز ’د‘ جي ساڳئي آواز هجڻ جي ڪري هڪ ’د‘ حذف ٿي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ياداشت لفظ جڙي ٿو. (2) ته هن ادغام جي قسم ۾ ڪنهن لفظ جي پهرئين ۽ پوئين آواز جي اثر سبب ’نون‘ هڪ نئون ’ميم‘ جو آواز پيدا ڪري ٿو. مثال: ’ڪنڀ‘ لفظ ۾ پهرئين اکر ’ڪ‘ ۾ پوئين اکر ’ڀ‘ جي اثر سبب ’نون‘ ’ميم‘ جو آواز ڏئي ٿو. اهڙي نموني سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ موجود آهن. جيڪي ٻنهي طريقن سان ادغام جو روپ وٺي استعمال ٿين ٿا. پوئين قسم جي ادغام جي شاهدي قرآن مجيد جي صورتخطي پڻ ڏئي ٿي ... ساڳئي نموني سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ’ڪنڀ، انب، ٿنڀ، قنبر‘ وغيره جا اچار ’ميم‘ سان ٿيندا ۽ انهن جي صورتخطي ’نون‘ سان لکبي. <u>سنڌي ٻوليءَ جي مستند ڪتابن ۾ به ٻئي **نمبر** سَنڌي يا ادغام جي درست صورت لکيل نه آهي.</u>“ (سليم ميمڻ، جون 2010: 150- 151)

مذڪوره مسئلي تي ڏنل راءِ پيرائتي آهي ۽ عربي صورتخطيءَ جي اثر ڪان مڙئي عالم ان راءِ سان ٺئي سلهاڙيل آهن. پر پوءِ به اسان جي صورتخطيءَ ۾ اهڙو مسئلو ڪٿي نه ڪٿي منهن ضرور ڪڍي ٿو. خود سولنگي صاحب مستند ڪتابن جي نادرستگيءَ جو اشارو ته ڪيو آهي ليڪن ساڳئي جملي ۾ انگريزي لفظ Number جو عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ الٽو ڪيل لفظ ’نمبر‘ تي ڪو ڌيان ڏئي نه سگهيو، حالانڪ اهو لفظ به ساڳئي اصول مطابق ’ننبر‘ ئي لکڻ گهربو هيس!

اصل ۾ سنڌي صورتخطيءَ ۾ اهو مسئلو طئي هجڻ باوجود، اهڙن انگريزي لفظن ۾ مسئلو ٻڏجي وري اڳيان اچي ٿو. ان صورت ۾ چپوين آوازن اڳيان ايندڙ اهڙي ’ميم‘ جي حيثيت معلوم ڪرڻ لاءِ اڀياس جي ضرورت آهي، جنهن بابت انگريزي عالم به خاموش آهن.

## مسئلي جا اڀياسي سوال

هن مسئلي جي اڀياس کي مؤثر بڻائڻ لاءِ چند اڀياسي سوال آڏو رکجن ٿا:

ڇا ’انب‘ يا ’ڪنڀ‘ جهڙن لفظن ۾ ٻن چپوين آوازن کان اڳ ايندڙ ’نون‘ کي ’نون‘ چئون يا ’نون گهُڻو‘؟

ڇا ٻن چپوين وينجن آوازن کان اڳ ايندڙ ’ميم‘ جي حيثيت ’گهٽي سُر‘ واري آهي؟

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڇا ٻين ٻولين/ صورتخطين ۾ اهڙي 'ميم' کي 'نون گهُٽي' ۾ تصور ڪندا آهن؟

سنڌي صورتخطي گهٽي ياڳي عربي صورتخطيءَ ۽ ان جي گهٽن گهيڙن جي پوئواري ڪندي آئي آهي. مذڪوره مسئلي بابت عربيءَ ۾ مسئلو طئي ٿيل آهي. عربي ٻوليءَ ۾ واضح رهي ته نون ۽ ميم جو اکر گهُٽي طور به ڪم آندو ويندو آهي. عربي آوازن جي حوالي سان 'تعليم التجويد' جي لکندڙ گهٽي آوازن لاءِ ڄاڻايو آهي ته: "غنہ معنيٰ گهُٽون آواز. صفت غنہ ٻن حرفن 'ن' ۽ 'م' ۾ ٿيندي آهي. 'ن' ۽ 'م' کي مُغنو به چئبو آهي. انهن جي اچار مهل آواز نڪ جي پاڙ مان ايندو آهي. 'نون' ۾ غنائي 'ميم' کان وڌيڪ آهي." (امير، ؟: 23)

سنڌي ٻوليءَ جي عالمن 'ميم' کي گهُٽي وينجن جي صورت ۾ ئي تسليم ڪيو آهي؛ ساڳي صورتحال هندي ٻولين ۽ صورتخطين جي آهي؛ انگريزي ٻوليءَ جي رسم الخط ۾ به 'm' کي سُر ۾ تسليم نہ ڪيو ويو آهي.

حقيقت ۾، ٻن چپوين وينجن آوازن: 'ب، ٻ، ڀ، پ، م' کان اڳ ايندڙ 'ميم ساڪن' جي آواز جي حيثيت گهُٽي واري بيهي ٿي؛ پوءِ اها ڪهڙي به ٻولي هجي. ياد رهي ته 'ميم متحرڪ' وينجن واري صورت وٺي بيهندو.

## عربي ٻوليءَ ۾ مذڪوره آواز جي صورتخطي

عربي ٻولي توڙي صورتخطيءَ ۾ 'با، ميم، نون' کان اڳ ايندڙ 'نون ساڪن' توڙي 'ميم ساڪن' جي حيثيت گهُٽي واري آهي، هن صورت ۾ هيٺيان لفظ غور طلب آهن:

مِنۢ بَعۡدِ، بَشَرٌ مِّثۡلُنا، مِنۡ نُّطۡفَةٍ.

ڄاڻايل لفظن جو هيٺين ريت ڇيد ڪري سگهجي ٿو:

| صورتخطي | آواز جو جڙڻ | آواز جي حيثيت |
|---|---|---|
| مِنۢ بَعۡدِ | مِمۡ بَعد | ميم ساڪن، گهُٽو سُر |
| بَشَرٌ مِّثۡلُنا | بَشرُمۡ مِثلُنا | ميم ساڪن، گهُٽو سُر |
| مِنۡ نُّطۡفَةٍ | مِنۡ نُطفة | نون ساڪن، گهُٽو سُر |



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هونئن تہ ’نون ساڪن‘ جي حالت وينجن جي ٿي ٿيندي آهي، ليڪن عربيءَ جي قاعدي ۾ پويان ايندڙ ٻئي نون سبب ’نون ساڪن‘ جي حالت ’گهُڻي سُر‘ واري مڃي وڃي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾، مخرج جي بنياد تي، ’نون ساڪن‘ کي وينجن ۾ ئي تسليم ڪيو وڃي ٿو.

## سنڌي ٻوليءَ ۾ مذڪوره آواز جي صورتخطي

مٿين مثالن ۾ چپوين وينجن آوازن ’ب‘ ۽ ’م‘ کان اڳ ايندڙ ’ميم ساڪن‘ جي حيثيت گهُڻي سُر واري آهي. سنڌي صورتخطيءَ ۾ وڌيڪ چپوين وينجن آوازن ’ب، ٻ، ڀ، کان اڳ ايندڙ ’ميم ساڪن‘ کي مڙني عالمن، عربي صورتخطيءَ جي تقليد ۾، ’نون- اکر‘ سان لکڻ جي راءِ رکي آهي؛ انهن چپوين آوازن ۾ ’پ ۽ م‘ جو بہ اضافو ڪري سگهجي ٿو. يعني ’ب، ٻ، ڀ، پ ۽ م‘ کان اڳ ايندڙ ’ميم ساڪن‘ کي ’گهُڻو‘ سمجهي، ’نون- اکر‘ سان لکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ عربي توڙي تقليدي صورتخطين ۾ عام طور تي ’گهُڻي‘ جو ڪم ’نون- اکر‘ کان ئي ورتو ويندو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ’نون گهُڻي‘ جي صورتخطيءَ وارو مونجهارو تہ اڄ سوڌو ٽنگيو پيو آهي.

اوائلي عربي- سنڌي صورتخطيءَ موجب ’گهُڻائپ‘ کي واضح ڪرڻ لاءِ ’ميم- اکر‘ کان بہ ڪم ورتو ويندو هو. ان حوالي سان ڊاڪٽر بلوچ جو هيٺيون حوالو غور طلب آهي، هو صاحب ڄاڻائي ٿو تہ: ”سنڌ جي عالمن ’نون گهُڻي‘ کي واضح ڪرڻ لاءِ ’ن‘ کان پوءِ يا ان جي جاءِ تي ’م‘ بہ ڪم آندو ... لفظن جي آخر ۾ ’ھ‘ ۽ ’ء‘ کان پوءِ ’ن‘ واري گهُڻي اچار کي ’م‘ جي آواز ذريعي نروار ڪيو ويو، جيئن:

جڏهم = جڏهن. ماڳهم = ماڳهين.

ڪڏهم = ڪڏهن. سائينم = سائين.“ (بلوچ، 1999: 443)

اها ڳالهہ تہ چٽي ٿي تہ سنڌ جا پراڻا عالم ان ننڍڙي مسئلي کان چڱيان واقف هئا، جنهن سبب ’نون گهُڻي‘ وارو ڪم ’ميم- اکر‘ کان بہ وٺندا هئا. موجوده حالتن ۾ درست- نادرست واري راءِ نہ ٿي رکي سگهجي، بلڪ هلندڙ رواج کي ئي اهميت ڏيڻي پوندي آهي. ان صورت ۾ هيٺ چند لفظن جي عام صورتخطيءَ واري راءِ ۾ پنهنجي راءِ بہ شامل ڪجي ٿي:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

| اکر | لفظ | نڪرندڙ آواز | ترجيحي صورتخطي |
|---|---|---|---|
| ب | قمبر / قنبر | ميم ساڪن- گهُٽو | قنبر |
| | گمبٽ / گنبٽ | ميم ساڪن- گهُٽو | گنبٽ |
| ٻ | سنڌي ٻوليءَ ۾ عام طور اهڙا لفظ ڪونه ٿا ملن. | | |
| ڀ | ڀميور / ڀنيور | ميم ساڪن- گهُٽو | ڀنيور |
| | ٿمڀو / ٿنڀو | ميم ساڪن- گهُٽو | ٿنڀو |
| پ | جهمپير / جهنپير | ميم ساڪن- گهُٽو | جهنپير |
| | سنڌي ٻوليءَ ۾ عام طور اهڙا لفظ ڪونه ٿا ملن. | | |
| م | سنڌي ٻوليءَ ۾ عام طور اهڙا لفظ ڪونه ٿا ملن. | | |

## ديوناگري رسم الخط ۾ مذڪوره آواز جي صورتخطي:

ديوناگريءَ ۾ لکجندڙ هندي ٻوليءَ موجب مذڪوره پيدا ٿيندڙ ’ميم ساڪن‘ آواز کي ’ميم‘ جي صورت ۾ ئي لکندا آهن؛ ليڪن جيئن ته هن آواز جي حالت ’ميم ساڪن‘ واري بيهندي آهي ان صورت ۾ ’ميم‘ جي اکر کي ’اڌ‘ صورت ۾ لکيو ويندو آهي. ياد رهي ته ديوناگري آئيوٽا جو هر اکر ’زبر‘ سان ئي اچاريو ويندو آهي. هيٺ چند لفظ ديوناگري صورتخطيءَ ۾ پيش ڪجن ٿا:

| سنڌي صورتخطيءَ موجب | ديوناگري صورتخطيءَ موجب | اکري حالت |
|---|---|---|
| ڳنڀيرتا / گنڀيرتا | गम्भीरता | ميم ساڪن- اڌ صورت ۾ |
| انبر / امبر | अंबर | ميم ساڪن- اڌ صورت ۾ |
| سنپورن / سمپورن | सम्पूर्ण | ميم ساڪن- اڌ صورت ۾ |
| بنبئي / بمبئي (ممبئي) | (मुंबई)बम्बई | ميم ساڪن- اڌ صورت ۾ |

ڏنو وڃي ته ان ۾ ڪوبه حرج ڪونهي، ليڪن اها ڳالهه واضح آهي ته اهڙي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

’ميم ساڪن‘ لاءِ ’ميم جو اڌ اکر‘ ڪم آندو ويندو آهي: جنهن مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته اهڙي ’اڌ- ميم‘ جي حيثيت ’ميم وينجن‘ واري ڪانهي، جنهن کي گهُٽو چئي سگهجي ٿو.

## انگريزي ٻولي/ رومن رسم الخط ۾ مذڪوره آواز جي صورتخطي

انگريزي ٻوليءَ ۾ مذڪوره معاملي جي حوالي سان پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب لکيو آهي ته: ”انگريزي زبان ۾ /Impossible/ اصل ۾ /In + possible/ آهي، جنهن مان [p] جي اثر سببان [n] بدلجي [m] ٿي وئي آهي.“ (حوالو ڇاٽايل)

ڏٺو وڃي ته ديوناگري صورتخطي ۽ انگريزي صورتخطي ۾ ’ميم ساڪن‘ کي ان جي خارج ٿيندڙ آواز موجب لکڻ ۾ مُماثلت آهي. انگريزيءَ ۾ گهٽي قدر خارج ٿيندڙ آواز [m] جو ئي استعمال ڪندا آهن، جيئن: Number.

جنهن کي به اسين غلط يا صحيح واري تارازيءَ ۾ توري نه ٿا سگهون: البت، ان جي حيثيت تي غور ڪرڻ جو دڳ ڪنهن ڪونه روڪيو آهي.

ٻاروتڻ کان وٺي اهوئي بنيادي انگريزيءَ ۾ رٽرايو ويندو آهي ته ’انگريزيءَ ۾ پنج واول: ’a, e, i, o, u‘ ٿيندا آهن، ’y‘ ڪڏهن ٿيندي آهي، ته ڪڏهن ڪونه ٿيندي آهي: ان کان علاوه ’h, w‘ اڌ واول ٿيندا آهن.‘ حقيقت ۾ بنيادي استادن سٺي نموني ڪونه سمجهايو ته ’y‘ اکر ڪهڙين حالتن ۾ واول ٿيندو، ڪهڙين حالتن ۾ ڪونه ٿيندي! ساڳئي نموني ’u‘ جي حالت ٿئي ٿي.

پوءِ جڏهن بزرگ استادن ۽ ماهرن جي صحبت جو شرف حاصل ٿيو ته واول جي بنيادي اصول جو پتو پيو: ۽ پوءِ ان اصولن آڌار اپياس جي دائري کي وڌايو ويو ته ڪافي نواڻ سامهون آئي. ’سرٽيفڪيٽ آف ٽيچنگ‘ جي ساليانيءَ ڪورس دؤران محترم جناب الهه ڏنو سهتو، پرنسپال گورنمنٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن حيدرآباد هڪ وزٽ دؤران ’واولز‘ بابت ٻڌايو ته ’L, M, N‘ به واولز آهن. ائين چئي سهتو صاحب ڪلاس مان هليو ويو. اسين سڀ حيران ته اهي وري ڪيئن؟ بهرحال، پوءِ ڪنهن به ان تي غور ڪونه ڪيو ۽ هڪ هوائي ڳالهه سمجهي ان کي نظرانداز ڪيو ويو. منهنجي دماغ ۾ ’L, M, N‘ جي واولز هجڻ جو جنڊ ڦرندو رهيو. ڪافي عرصي بعد ان جي حقيقتن کي معلوم ڪري سگهيس.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هيٺ ’L, M, N‘ جي واول هجڻ جي ايپاس بعد لاڳاپيل نڪتي تي اچي سگهبو:

ياد رهي ته واول جو اصطلاح آواز سان تعلق رکي ٿو، جڏهن ته عام طور واول ليٽرز کي واول چيو ويندو آهي. انگريزيءَ ۾ پٽڙا آواز (liquid sounds: L, M, N) ’ايل، ايم ۽ اين‘ پڻ ٻئي سر واري اکر سان ملي ٻٽن سرن (Diphthong) ۾ شامل هجڻ سمجهيو ويو آهي. ان لاءِ ’S‘ جو شروعاتي آواز ’اِس‘ يا ’سِ‘ ڪيڻ لاءِ هڪ قاعدو پڙهايو ويو ته جيڪڏهن ’S‘ بعد ڪو سر (vowel)، اڌ سر H ۽ W يا پٽڙا آواز L, M, N اچن ته ان صورت ۾ ’S‘ جو اچار ’س‘ سان ڪيبو، ٻي صورت ۾ ’اِس‘ (س اڳيان هلڪي ننڍي سُر) جو اچار ڪيبو: مثلاً:

[a] سان Sat, same جو اچار ’سيٽ ۽ سيم‘ ڪيبو.

[e] سان Settle, sell جو اچار ’سيٽل ۽ سيل‘ ڪيبو.

[i] سان Sit, silly جو اچار ’سٽ، سلي‘ ڪيبو.

[o] سان Sort, solar جو اچار ’سورٽ، سولر‘ ڪيبو.

[u] سان Surname, suck جو اچار ’سرنيم، سڪ‘ ڪيبو.

[y] سان Symbol, syrup جو اچار ’سيمبل، سيرپ‘ ڪيبو.

(ياد رهي ته ’Y‘ جو اکر پڻ ’U‘ اکر جيان (جيئن: A university ۾) سُر ۽ وينجن ٻنهي طور ڪم ايندو آهي. صرف اهو جاچڻو پوندو آهي ته ڪهڙي هنڌ، ڪهڙي حالت ۾ اچارجي ٿو. جيڪڏهن اچارڻ مهل ڪنهن مخرج وٽ روڪ رنڊڪ ۾ ڳالهائڻ جا عضوا شامل ٿين ٿا ته وينجن پائنبو، پر جيڪڏهن ڪنهن ٻئي وينجن آواز کي سر ڏيڻ خاطر، بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي اچارجي ٿو ته ان صورت ۾ اهو سر ئي پائنبو.)

ان ڪان پوءِ پٽڙن آوازن L, M, N سان ڪيبو ته به ’S‘ جو اچار ’س‘ جو نڪرندو، جهڙوڪ:

Slow, slice پٽڙي آواز سبب هتي به ساڳئي نموني ’سلو ۽ سلائيس‘ جا اچار نڪرندا.

Smart, small پٽڙي آواز سبب هتي به ساڳئي نموني ’سمارٽ، سمال‘ جا اچار نڪرندا.

Snow, snake پٽڙي آواز سبب هتي به ساڳئي نموني ’سنو ۽ سنيڪ‘ جا اچار

Shah Abdul Latif Bhittai Chair

نڪرندا.

Shake, shirtمِ ’h‘ جي هجڻ سبب هتي ’س‘ جو وسرڳي آواز ڪڍبو: اصل ڳالهہ تہ ’S‘ اڳيان ’الف وارو هلڪو ننڍو سُر‘ ڪونہ ڳڻبو.

Swallow, sweet هتي پڻ اڌ سر سبب ’س‘ جو اچار وٺبو.

پي صورت ۾ ’S‘جو آواز ’اس‘ اچاربو: جيئن:

Scale, school, sketch, skin, spoon, spring, square,
Squash, staff, station, store, star, spot.

’L‘ جو ٻئي سر سان ڳنڍجي هڪ مقرر ٻٽي سر (Diphthong) طور ڪم اچڻ:

‘al’ = آ

Ball, balk, balm, calf, chalk, calm, half, hall, small, stall,
Wall, palm, talk, tall, swallow, walk, swalk, qualm.

‘el’ = اِي

Bell, tell, sell, cell, jelly, yell, yellow, well.

‘il’ = اِ

Bill, fill, hill, ill, kill, mill, till, skill, shrill, will.

‘ol’ = اُو

Folk, yolk, doll, atoll, volley.

‘ul’ & ‘oul’ = اَ ۽ اُ

Bull, pull, could, should, would, dull, null.

* ’N‘ انگريزي صورتخطيءَ ۾ نون ويڃن کان علاوه نون گهُٽي طور پڻ ڪم اچي ٿو. ’n‘ کي تہ گهُٽي سرُ کان علاوه سڌو سنئون سر طور بہ ڪم آيل آهي، مثال: autumn, column وغيره. هيٺ چند لفظ خيال خاطر رکجن ٿا:

| ’N‘ جو اکر صاف سُر طور | ’N‘ جو اکر ’گهُٽي سُر‘ طور | ’N‘ جو اکر ويڃن طور |
|---|---|---|
| Column, Autumn, Solemn etc. | Sink, Song, Being, Flying etc. | New, Sun, Done, dent etc. Pen, |

* ’M‘ جو اکر پڻ ويڃن سان گڏوگڏ سُر طور ڪم آيو آهي. سنڌي صورتخطيءَ ۾ ’ميم ساڪن‘ بابت بحث ٿي چڪو آهي، ساڳئي نموني انگريزي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

چپوين وينجن آوازن 'B، M ۽ P' کان اڳ ايندڙ 'M' جو اکر پڻ سُر جي حيثيت ۾ بيهي ٿو، ان جي اهم سببن ۾ 'ميم ساڪن' (M -zero vowel) جو آواز آهي.

پروفيسر جتوئي صاحب M ۾ تبديل ٿيڻ جو اشارو ڏيندي ڄاڻايو آهي ته:

”انگريزي زبان ۾ /Impossible/ اصل ۾ /In + possible/ آهي، جنهن مان [p] جي اثر سببان [n] بدلجي [m] ٿي وئي آهي.“ (حوالو ڄاڻايل)

اصل ۾ اهو ساڳيو اصول انگريزي چپوين آوازن 'B ۽ P' سان به لاڳو ٿئي ٿو، هيٺ خيال خاطر چند مثال پيش ڪجن ٿا:

| Prefix | Word origin (b, m, p) | Colloquial Orthography |
|---|---|---|
| In > Im | In + balance | Imbalance. |
| In > Im | In + mature | Immature. |
| In > Im | In + Perfect | Imperfect. |

**هيٺ ڄاڻايل اڳياڙيءَ سان چند ٻيا مثال پيش ڪجن ٿا:**

Im ---- (Prefix) not, the opposite of {form of 'in ---', used before '*b*, *m* and *p*'}:

**Example:** imballance; immature, immeasure, immoral; impress, improve, imprint, import, , impatient, imperfect, impure, impossible, impersonal, immovable, …

هي ساڳيو معاملو آهي جنهن بابت سنڌي صورتخطيءَ ۾ بحث ٿي چڪو آهي، واضح هجي ته انگريزي چپوين وينجن آوازن 'B، M ۽ P' کان اڳ ايندڙ 'M' جو اکر ساڳئي سنڌي صورتخطيءَ نموني سُر جي حيثيت ۾ بيهي ٿو، ان جي اهم سببن ۾ 'ميم ساڪن' جو آواز آهي.

ان کان علاوه اهو به محسوس ڪيو ويو آهي ته انگريزي ٻوليءَ ۾ 'R' جو اکر ڪڏهن ڪڏهن سرَ (vowel) طور به ڪم اچي ٿو. ان حوالي سان پروفيسر علي نواز جتوئي مرحوم 'گڏيل سر' (Mixed vowels) جي عنوان ۾ ڄاڻائي ٿو ته: ”ڪن ٻولين جهڙوڪ انگريزيءَ ۾ ٽِسُرو آواز (Triphthong) به ٿيندو آهي، جهڙوڪ: چيئر (Chair) ۽ ٽائئر (Tyre) وغيره لفظن ۾. انهن لفظن جي پڇاڙيءَ واري 'ر' جو آواز ڪونه اچاربو آهي.“ (جتوئي، 1996: 47)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ساڳي ڳالهه پروفيسر محمد عمر چنڊ صاحب اڻ سڌيءَ طرح، بلڪ سنڌيءَ جي ادغامي 'ر' وارن آوازن سان انگريزي 'R' جي آوازن جي ڀيٽ هيئن ڪري ٿو ته:

"اول ته هي [تر ۽ ڊر] جو مسئلو انگريزيءَ ۾ اسٽار، واٽر يا هارڊ [star, water, hard] کان مختلف آهي، جنهن ۾ [ر] فونيم (صوتيو) هارڊ، واٽر يا اسٽار جهڙن لفظن ۾ اصلئون موجود آهي، پر اچارڻ وقت انگريزن جي ڪن لهجن ۾ حذف ٿئي ٿي ۽ انهن لفظن جو اچار [اسٽا]، [واٽ] ۽ [هاڊ] = [sta:, wata: and had] 'ر' کان سواءِ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. دراصل انهن لفظن ۾ / ر/ اصلئون فونيم جي حيثيت ۾ موجود آهي ۽ فونيم جي حيثيت ۾ حذف ٿي ٻڌڻ ۾ نه ٿي اچي." (چنڊ، 2004: 133)

ان کان علاوه اها ڳالهه به ڏني وئي آهي ته انگريزي شاعريءَ جي وزنن واري علم Prosody ۾ به 'R' ۽ 'L' جي حيثيت جهڙوڪر سُرَ واري آهي. جيئن:

A syllable is short if its vowel is a short one and not followed by two or more consonants (except for the following groups noted).

'br, cr, dr, fr, gr, pr, tr, fl, gl, pl'. (Collins, 1996: 405)

## حرف آخر

آخر ۾ ٻن چپوين آوازن 'ب، ٻ، ڀ، پ ۽ م' کان اڳ ٻٽجندڙ 'ميم ساڪن' جي آواز کي 'گهُٽو' سمجهي 'نون' اکر سان لکيو وڃي.

انگريزي صورتخطيءَ ۾ اهڙي اکر جي حيثيت 'گهُٽي' واري ئي آهي، ليڪن ان ۾ 'ميم' جي اکر کي ئي اهميت ڏني وئي آهي، ان صورت ۾ انگريزي لفظن جو التو 'ميم' سان ئي لکڻ گهرجي. ساڳي صورتحال هندي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جي آهي، جيڪي پڻ 'ميم ساڪن' جي ئي صورت ۾ لکندا آهن، ان صورت ۾ ٺيٺ هندي لفظن کي ساڳئي نموني 'ميم ساڪن' سان لکڻ ۾ ڪو حرج ڪونهي.

## حوالا

1. آڏواڻي، ڀيرومل، مهرچند (1956)- سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ- سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي- حيدرآباد.
2. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (2005) سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.
3. انور، امير الدين، ابوالخليل ( ؟ ) تعليم التجويد- الجامعة المدينة تجويد القرآن گهوٽڪي.

4. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1960) جامع سنڌي لغات 1- سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
5. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1999)- سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ- پاڪستان اسٽڊي سينٽر ڄامشورو.
6. جتوئي، علي نواز، پروفيسر (1996) علم لسان ۽ سنڌي زبان- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.
7. چنڊ، محمد عمر (2004) سنڌي ٻولي: لسانياتي جاگرافي، آراڌايون ۽ لفظي ترتيب- سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد.
8. سرهيو، عبدالهادي (1976) علمي تحفو- هادي پبليڪيشنس لاڙڪاڻو.
9. سيد، ڪمتر نقوي، نجف علي شاه (1984) ٻاروچي ٻولي- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.
10. شيخ، واحد بخش (1986)- سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو، ڀاڱو پهريون _ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
11. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر (1996) شاه جو رسالو- روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
12. ميمڻ، محمد سليم، پروفيسر - *ايڊيٽر (جون- 2010)* ڪلاچي، *تحقيقي جرنل*- شاه لطيف چيئر ڪراچي.
13. William Collins (1996) Collins Latin Dictionary - Harper Collins publishers, Italy.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair